هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سنتن ڀريو بيان

21 July 2016

# رياڪاري

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# رياڪاري

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِیَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.**

## دُرُود شَريف جي فَضِيلت:

**سرڪار مدينہ، راحت قلب وسينہ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان عاليشان آهي: قيامت جي ڏينهن توهان مان منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جيڪو دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندو .**

(ترمذي،ابواب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاةعليالنبي،٢/٢٧ ، حديث:٤٨٤)

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرود اُن پہ سَدا میں
اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث ورضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** **ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.**

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

**ٻ مدني گل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون:

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجھ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگھيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گھوري ڏسڻ ۽ اُلجھڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳڀري وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رِياڪاري (يعني ڏيکاءُ) جو وبال

دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِداري مكتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 165 صفحن تي مُشتمل ڪتاب"رِياڪاري" جي صفحي 16 تي آهي. هڪ شخص ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطان بحر و بر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: "سڀاڻي قيامت جي ڏينهن ڪهڙي شيءِ ڇوٽڪارو ڏياريندي؟" ان تي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان خيانت نہ ڪرڻ." وري عرض ڪيو: "ٻانهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان خيانت ڪيئن ڪري سگھي ٿو؟" تہ ارشاد فرمايائون: اهڙي طرح جو توهان کو اهڙو ڪم ڪيو، جنهن جو حڪم توهان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڏنو، پر توهان جو مقصد غيرُالله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ هئي، تنهن ڪري رياڪاري



www.dawateislami.net

ڪان بچندا رهو، ڇوته هي الله عَزَّوَجَلَّ سان شرڪ آهي ۽ قيامت جي ڏينهن رياڪار کي ماڻهن جي سامهون چئن نالن سان سڏيو ويندو. يعني ”اي بدڪار! اي ڌوڪي باز! اي ڪافر! اي نقصان ۾ پوڻ وارا! تنهنجو عمل تباهه ۽ تنهنجو اجر برباد ٿي ويو، تنهن ڪري اڄ تنهنجي لاءِ ڪو حصو ناهي، اي ڌوڪي ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا! هاڻي تون پنهنجو ثواب ان وٽ وڃي ڳول، جنهن جي لاءِ تو عمل ڪيو هو.“

(الزواجر عن اقتراف الكبائر، الباب الاول في الكبائر الباطنيه ...الخ،الكبيرةالثانية،الشركالاصغر...الخ،۱/۸۵)

تُوبس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی
تُو ناخوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ

(وسائلِ بخشش مُرمّم ص98)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل روايت سان اسان کي به عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي ته ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ عمل ڪرڻ واري کي قيامت جي ڏينهن ڪيتري قدر ندامت ۽ شرمسار ٿيڻو پوندو. بدقسمتي سان ڦريان ته نفس ۽ شيطان اسان کي نيڪيون ڪرڻ ئي نٿا ڏين ۽ جيڪڏهن اسان وڏي ڪوشش ڪري نيڪ عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي به وياسين تڏهن به نفس ۽ شيطان اسان جي عبادت مقبول ٿيڻ کان روڪڻ جي لاءِ پنهنجو سمورو زور لڳائيندا آهن. ان جي لاءِ اهي اسان جي عبادت ۾ ڪا اهڙي غلطي ڪرائي وجهندا آهن، جيڪا ان عمل کي ضايع ڪري ڇڏيندي آهي يا وري عبادت کان پوءِ اسان جي دل ۾ شهرت ۽ ڏيکاءُ جي خواهش پيدا ٿيندي آهي، ڪو اسان جي نيڪين جي تعريف ڪري نه ڪري، اسان پاڻ بنا شرعي ضرورت جي پنهنجي نيڪين جو اظهار ڪري ”پنهنجي منهن ميان



www.dawateislami.net

منو“ بڻجندا آهيون ۽ اهڙي طرح نفس ۽ شيطان جي وچايل جار يعني رياڪاريءَ ۾ وچي ڦاسندا آهيون. مثال طور ڪو چوندو آهي: مان هر سال رجب، شعبان ۽ رمضان جا روزا رکندو آهيان (حالانڪ رمضان المبارڪ جا روزا تہ فرض آهن پوءِ بہ اهو رياڪار جيڪو ٻن مهينن جا نفلي روزا رکندو آهي پنهنجي رياڪاري کي وڌائڻو ڪرڻ لاءِ چوندو آهي، مان هر سال ٽن مهينن يعني رَجَب، شعبان ۽ رمضان جا روزا رکندو آهيان. وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه) ڪو چوندو آهي: مان ايترن سالن کان وٺي، هر مهيني اَيَّامِ بِيْض (يعني چنڊ جي 13، 14، 15 تاريخ) جا روزا رکندو آهيان. ڪو پنهنجي حج جي تعداد جو تہ، ڪو پنهنجي عمري جي تعداد جو اعلان ڪندو آهي. ڪو چوندو آهي: مان روزانو ايترا درود پڙهندو آهيان، ايتري عرصي کان دلائل الخيرات شريف جو ورد ڪري رهيو آهيان. ايتري تلاوت ڪندو آهيان، هر مهيني فلان مدرسي کي ايترو چندو پيش ڪندو آهيان. مطلب تہ هرو پرو پنهنجي نفلن، تهجد، نفلي روزن ۽ عبادتن جي ڏاڍي واڪاڻ ڪئي ويندي آهي. آهہ! اي اخلاص تون ڪٿي آهين؟ اهي تمام ان صورت ۾ جڏهن تہ ان جي رياڪاري جي نيت هجي. (افادات: اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه)

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جا شهزاده مُفتي اعظم هندحضرت علامہ مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه عاجزي ڪندي ۽ اسان کي سمجهائيندي فرمائن ٿا.

نَفسِ بدکار نے دل پہ یہ قِیامَت توڑی
عملِ نیک کِیا بھی تو چھپانے نہ دِیا

(سامانِ بخشش، ص ٦١)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## رِياڪار خالي هٿين رهجي ويندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً نيڪ عمل رَبِّ ذُوالْجَلَال عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ ۽ آخرت کي بهتر بنائڻ جي لاءِ ئي ڪرڻ گهرجن پر ياد رکو ته جيڪي بدنصيب ماڻهو رِياڪاري سان نيڪ عمل ڪندا آهن، انهن جا اهي نيڪ عمل رَبِّ ذُوالْجَلَال عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ ۽ اُنهن جي آخرت کي بهتر بنائڻ ۾ ڪو ڪردار نٿا ادا ڪن بلڪ اهڙن ماڻهن کي انهن جي ڪيل جو بدلو الله عَزَّوَجَلَّ دُنيا ۾ ئي عطا ڪندو آهي جيئن ته

سيپاري 12، سورهٔهُود جي آيت نمبر 15۾ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو

مَنْ كَانَ یُرِیْدُ الْحَیٰوةَ الدُّنْیَا وَ زِیْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَیْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِیْهَا وَ هُمْ فِیْهَا لَا یُبْخَسُوْنَ ﴿۱۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪو دُنيا جي زندگي ۽ سينگار طلبيندو هجي اسان ان ۾ انهن کي پورو پورو ڦل ڏينداسين، ۽ ان ۾ ڪا بہ ڪمي نہ ٿيندي.

حضرت سيِّدُنا اِبن عَباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا تہ رياڪارن کي دنيا ۾ ئي انهن جي نيڪين جو بدلو ڏنو ويندو آهي ۽ انهن تي ذري برابر ظلم ناهي ڪيو ويندو. (تفسيرطَبَري ج ٧ ص ١٣)

هڪ ٻي آيت ۾ اللهعَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَ الْاَذٰىۙ كَالَّذِیْ یُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَ لَا یُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ الْیَوْمِ الْاٰخِرِؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَیْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ پنهنجا صدقا (خيرات) ضايع نہ ڪريو ٿورو جاڻائي ۽ تڪليف ڏئي انهيءَ وانگر جو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ خرچ ڪري ۽ الله ۽ قيامت تي ايمان نہ آڻي، تہ ان جو مثال ايئن آهي جيئن هڪ ٽڪري، جو ان تي مِٽي آهي



www.dawateislami.net

وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ؕ لَا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَیْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِی الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۶۴﴾

آن تي زور سان پاڻي پيو جنهن آن کي صاف پٿر ڪري ڇڏيو پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪنهن بہ شيءِ تي قدرت نہ لهندا، ۽ الله ڪافرن کي رستو نٿو ڏئي.

(سيپارو 3، بقره 264)

حضرت صَدْرُالاَفاضِل سيِّدُنا مولانا محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الهادي خزائنُ العِرفان ۾ انهي آيت جي تحت لکن ٿا: جهڙي طرح منافق جو مقصد رضاءِ الهي نہ هوندو آهي، اهو پنهنجو مال رياڪاري جي لاءِ خرچ ڪري ضايع ڪندو آهي اهڙي طرح توهان احسان ڀڏائي پنهنجي صدقن جو ثواب ضايع نہ ڪيو، اهو (مثال جيڪو هن آيت ۾ بيان ڪيو ويو) منافق رياڪار جي عمل جو مثال آهي تہ جهڙي طرح پٿر تي مٽي نظر ايندي آهي پر برسات سان اها صاف ٿي ويندي آهي ۽ خالي پٿر رهجي ويندو آهي اهو حال منافق جي عمل جو آهي جو ڏسڻ واري کي معلوم ٿيندو آهي تہ عمل آهي ۽ قِيامت جي ڏينهن اهي تمام عمل باطل ٿيندا ڇاڪاڻ تہ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ نہ ها. (خزائن العرفان، پ ٣، البقرة، تحت الآية: ٢٦٤)

اچو! الله عَزَّوَجَلَّ کان اِخلاص جي خيرات گهرون ٿا:

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو

کر اِخلاص ایسا عطا یا اِلٰہی (وسائلِ بخشش مُرمّم ص105)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دُنياوي احتياط اُخروي پڇتائڻ کان بهتر آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هاڻي ٿورو غور ڪيو تہ قِيامت جي ڏينهن جڏهن هر ڪنهن کي پنهنجي عملن بابت فڪر هوندو، اهڙي وقت ۾



www.dawateislami.net

جيڪڏهن ڪنهن جو اعمال نامو پيش ڪيو ويندو ۽ ان کي خبر پوي تہ ان جا ڪيئي نيڪ عمل فقط رِيا ڪاري جي ڪري ضائع ٿي چڪا آهن تہ سوچيو ان مشڪل گهڙي ۾ ان شخص  جي ڪيفيت ڇا هوندي؟ ۽ ان کي ڪيترو اَفسوس ٿيندو تہ سڄي زِندگي جن عملن کي هو پنهنجي لاءِ آخرت جو سامان   ۽ نَجَات جو ذَرِيعو سمجهندو رهيو، قيامت جي ڏينهن جڏهن ان کي سخت ضرورت پئي تہ ان عملن مان ڪجهہ بہ باقي نہ رهيو، سڄي زندگي جي ڪمائي هٿ مان ويندي رهي، تمام عُمْر اهو ئي سوچندو رهيو تہ مون وٽ نيڪين جو خزانو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن حَسْرت ۽ افسوس ۾ هوندو. تنهنڪري ضَروري آهي تہ اسان هن  دُنيا ۾ ئي  پنهنجي حال تي غور ڪري رِياڪاري جهڙي خوفناڪ ۽ هولناڪ آفت کان پيڇو ڇڏائي وٺون، هر عمل جو چڱي طرح جائزو وٺڻ گهرجي تہ ان مان مقصد رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا آهي يا مال ۽ زَر جو حُصُول يا ڪو ٻيو دُنياوي فائدو؟ بد قِسمتي سان اڄڪلهہ اسان جي عِبادتن مان اِخْلَاص رُخصت ٿيندو پيو وڃي، هر اسلامي ڀاءُ پنهنجي دل کان اهو سُوال ڪري تہ ماڻهن جي سامهون جڏهن مان نيڪ عمل وڏي خُوش اُسْلُوبي ۽ سٺي اَنداز سان ڪندو آهيان تہ اڪيلائي ۾ مون کي ڇا ٿيندو آهي جو اڪيلي ۾جلد بازي ڇو ڪندو آهيان، تنهائي ۾عبادت جو خُشُوع و خُضُوع ڇو برقرار نٿو رهي، ڪٿي ان جي وجہ رِياڪاري تہ ناهي؟ تنهنڪري اڄ ئي اسان پنهنجي عملن جو مُحَاسَبَو ڪندي پنهنجي اِصْلاح جي ڪوشش ڪيون! نہ تہ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اَفسوس ۽ نَدامت کان سواءِ ڪجهہ هٿ نہ ايندو، جيڪڏهن پنهنجو مُحَاسَبَو ڪرڻ جو ذِهن نٿو بڻجي يا هن ڳالهہ جي ڪري پريشان آهيو تہ مان پنهنجي عملن جو مُحَاسَبَو ڪئين ڪيان؟ مون کي تہ صحيح طور تي مُحَاسَبَو ڪرڻ ئي نٿو اچي تہ گهٻرايو نہ!صِرْف اهڙن ماڻهن جي صُحْبت



www.dawateislami.net

اِخْتيار ڪيو جيڪي پنهنجي عملن جومُحَاسَبَو ڪرڻ چاھن ٿا اهڙي ماحول ڪي اپنايو جتي مُحَاسَبَو ڪرڻ جو مدني ذِهن ڏنو ويندو هجي، ياد رکو! تہ اِصْلاح ۽ تربيت جي مُعامَلي ۾ صحبت ۽ ماحول جو وڏو گهَرو اثر هوندو آهي. سٺي صُحْبت ۽ پاڪيزه ماحول حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذَرِيعو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سان وابستگي جي برڪت سان نہ صرف سُنّتن ڀريو پاڪيزه مدني ماحول ملي ٿو بلڪ عاشقانِ رسول جي صحبت بہ حاصل ٿيندي آهي، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾مَدَني اِنْعامات تي عمل جي ترغيب ڏياري روزانو فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجي نفس ۽ عملن جو محاسبو) ڪرڻ جو ذهن بہ ڏنو ويندو آهي، مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ٿيندي آهي، سٺي صُحبت ۽ ٻيو خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون حاصل ٿينديون آهن.

اچّھی صُحبت ملے، خُوب بَرَکت ملے
چل پڑو، چل پڑیں، قافِلے میں چلو

کُفر کی کالکیں، دُور ہوں ظُلمتیں
آؤ کوشِش کریں، قافِلے میں چلو

بے شک اَعمالِ بد، اور اَفعالِ بد
کی چُھٹیں عادتیں، قافِلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص ٦٧١-٦٧٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** رِيا ڪاري هڪ اهڙي تباه ڪن بيماري آهي جو نيڪ عمل جي رُوح کي بُري طرح سان نقصان ڏيندي آهي ايستائين جو اهي نيڪ عمل رِياڪاري جي ڪري اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ شرفِ قَبوليت حاصل نہ ڪري سگهندا آهن. اچو! مبارڪ حديثن جي روشني ۾ عملن کي برباد ڪرڻ بابت رِياڪاري جون تباه ڪاريون ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

## رِيا (ڏيکاء) جي مَذمّت تي 4 فرمان مُصطفي

1. تاجدارِ رسالت، شهنشاه نُبوّت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جڏهن ڪا قوم آخرت (جي عملن) ڪان آراستہ تي (حُصُولِ) دُنيا جي حُسن وجمال جو پيڪر بڻجي تہ ان جو نڪاڻو جهنّم آهي.
(جامع الاحاديث للسيوطي ،حديث: ١١٦٩،١/١٨٣)

2. شَهنشاهِ دو جهان، مڪي مدينہ جا سُلطان صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اِنَّ اللهَ تَعَالٰي حَرَّمَ الْجَنَّةَ عَلٰي كُلِّ مُرَاءٍ يعني الله عَزَّوَجَلَّ هر رِياڪار تي جنّت حرام ڪئي آهي.(يعني رِياڪار مسلمان ابتِداءً جنّت ۾ داخِل نہ ٿيندو.) (جَمْعُ الْجَوامِعِ لِلسُّيوطي ج٢ ص٢٤٢ حديث٥٣٢٩)

3. سَيدُ الْمُبلِّغين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جنّت جي خوشبو پنج سؤ سالن جي مفاصلي ڪان سونگهي سگهجي ٿي پر آخرت جي عمل سان دنيا حاصل ڪرڻ وارو انهي کي نہ سونگهي سگهندو. (ڪنزالعمال،ڪتاب الاخلاق،قسم الاقوال ،حرف الراء الرياء، ١٩٠/٣،حديث:٧٤٨٩)

4. رسولِ اڪرم، نُورِ مجسَّم ،شاهِ بني آدم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شهرت لاءِ عمل ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ذليل ڪندو. جيڪو ڏيکاءُ لاءِ عمل ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي عذاب ڏيندو.
(جامع الاحاديث للسيوطي،قسم الاقوال،٤٤/٧،حديث:٢٠٧٤٠)

بنادے مجھ کو الٰہی خُلوص کا پیکر
قریب آئے نہ میرے کبھی رِیا یارَبّ!
اَندھیری قبر کا دل سے نہیں نکلتا ڈر
کروں گا کیا جو تُو ناراض ہو گیا یارَبّ!
(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص٧٨)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته ! رِياڪاري ڪهڙي منحوس آفت آهي جو ان جي ڪري نيڪ عمل قبول نٿا ٿين، رِياڪاري ڪرڻ وارو جنَّت کان محروم رهندو آهي، ان کي قيامت جي ڏينهن رُسوا ڪيو ويندو، رِيا ڪاري جي سبب نيڪ عمل اللهعَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ائين مَردُود ٿيندو آهي جو ان تي ڪو به اَجُرو ثواب ناهي ملندو بلڪ رِيا ڪاري وارو عمل، الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جو سبب آهي.

جيئن دعوتِ اسلامي جي اِشَاعتي اِداري مڪتبةُ المدينه جي شايع ٿيل 1286 صفحن تي مُشتمل ڪتاب ”اِحيَاءُ الْعُلُوم“جلد 3 صفحي 890 تي حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سَيدُنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيه رَحمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن ٿا ته حضرت سَيدُنا قتاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمايائون: ”جڏهن ٻانهو رِياڪاري ڪندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ فِرِشتن کي فرمائيندو آهي: ان کي ڏسو اهو مون سان مذاق ڪري رهيو آهي.“ هن کي اوهان مثال سان ائين سمجهيو ته ڪو خادِم سڄو ڏينهن بادشاهه جي درٻار ۾ ان جي سامهون رهندو آهي جيئن ته خادِمن جي عادت هوندي آهي پر ان جي بيهڻ ۾ ان جو مَقْصد بادشاهه جي ڪنهن ڪنيز يا غُلام کي ڏسڻ آهي ته اهو بادشاهه سان مذاق آهي ڇوته ان بادشاهه جو قُرب اُن جي خِدْمت جي لاءِ نه بلڪ اُن جي غُلام جي لاءِ اِخْتيار ڪيو آهي، تنهنڪري ان کان وڌيڪ نفرت جوڳي ڳالهه ڪهڙي هوندي جو ٻانهو اللهعَزَّوَجَلَّ جي عِبادَت هڪ اهڙي ڪمزور ۽ ناتوان ٻانهي کي ڏيکارڻ جي لاءِ ڪري جيڪو (ذاتي طورتي) ان جي ڪنهن نَفْعي ۽ نُقصان جو مالڪ نه هجي.

(اِحياءُ الْعُلوم ۸۹۰/۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً رِيا ڪاري جو مَرَض نهايت مُهلڪ آهي ۽ ان کان بچڻ بيحد ضَروري آهي، تنهنڪري ڪنهن به نيڪ عمل کان پهريان



www.dawateislami.net

دل جي اِرادي تي خُوب غور ڪرڻ گهرجي ڪٿي ائين نہ ٿي جو رِياڪاري جي سبب اهو عمل ڪنهن ڪم نہ اچي. اچو ”رِياڪاري“ جي وصف ٻڌون ٿا تہ جيئن ان جي چڱي طرح سڃاڻپ حاصل ٿئي ان کان بچڻ ۾ آساني ٿئي. جيئن،

## ”رِيا“ ڇا آهي

شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي،حَضْرتِ علّامہ مَوْلانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي 616 صفحن تي مُشتمل ڪتاب ”نيڪي جي دعوت “جي صفحي 66 تي تحرير فرمائن ٿا: “**اللهعَزَّوَجَلَّ جي رضا کان علاوه ڪنهن ٻئي ارادي سان عبادت ڪرڻ**” يعني عبادت سان اها غرض هجي تہ ماڻهو ان جي عبات تي آگاهہ ٿين تہ جيئن اهو ماڻهن کان مال هٿ ڪري يا ماڻهو ان جي واکاڻ ڪن يا ان کي نيڪ سمجهن، يا ان کي عزت وغيره ڏين.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب ”رِياڪاري“ ڪا تعارف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي وڏو نازُڪ مُعامَلو آهي جو ٿوري نيت ۾ خرابي ٿي ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارو رِياڪاري جي کڏ ۾ ڪرندو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ چڱي طرح رِيا ڪاري جي تباه ڪارين جي معلومات حاصل ڪيون تہ جيئن هن مُهلِڪ (يعني هلاڪ ڪرڻ واري) مرض کان نجات حاصل ڪرڻ آسان ٿي وڃي. هن سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِداري مڪتبۃُ المدينہ جي مطبوعہ 165 صفحن تي مُشتمل ڪتاب ”رِياڪاري“ جو مُطالَعو نهايت فائديمند آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ رِياڪاري جي وصف، سبب، نشانيون، ان جا ڀيانڪ نتيجا ۽ هن مرض جو



www.dawateislami.net

علاج وغيره بيان ڪيو ويو آهي ان ڪري اوهان سان مدني التجاء آهي تہ پاڻ بہ هن جو مُطالعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿي.

اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مايہ ناز ڪتاب "نيڪي جي دعوت "حصّہ اَوّل،صفحي 73 تان رِياڪاري جي حوالي سان ڪجهہ مثال ٻڌون ٿا تہ جيئن خبر پوي تہ رِياڪاري اسان جي عملن ۾ ڪهڙي طرح لڪيل هوندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن اسان جي ڳالهين مان رِياڪاري جو اِظْهار ٿي رهيو هوندو آهي پر نہ تہ ان پاسي اسان جو ڌيان هوندو آهي ۽ نہ ئي ان ڪان بچڻ جو مدني ذِهن هوندو آهي. تنهنڪري رِيا ڪاري جي هنن مثالن کي ٻڌي ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪيو، پر خيال رهي تہ رِياڪاري هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن جو سڄو دارومدار نِيت تي آهي ان ڪري جيڪي مثال پيش ڪيا پيا وڃن جيتوڻيڪ اهي رِياڪاري ئي جا آهن پر ڪيئي هنڌن تي نِيت جي فرق سان اَحڪامن ۾ تبديلي ٿي ويندي آهي، اچو پنهنجي اصلاح جي نِيت سان تَوَجّہ سان ٻڌون ٿا:

## رِياڪاري بابت 19 مثال

(1) قراءت انهيءَ ڪري سکڻ جو ماڻهو "قاري صاحب" چون (2) قاري صاحب جو اجتماعن ۾ حاضرين جي مقدار مطابق تجويد جي قاعدن جي رعايت ۽ آواز جي لاهہ چاڙهہ ۾ ڪمي بيشي ڪرڻ سان مقصد حاضرين جي خوشنودي هجي (3) پنهنجي لاءِ عاجزي جا الفاظ مثلاً فقير، گنهگار، ڪمتر وغيره جو انهيءَ ڪري چوڻ يا لکڻ جو ماڻهو عاجزي ڪرڻ وارو



www.dawateislami.net

سمجهن، عاجزي جي واڪاڻ ڪن (4) ماڻهن سان انهي ڪري گرم جوشي سان ملڻ جو ملنسار يا با اخلاق سڏرائي (5) دعا وغيره ۾ سيني جي سامهون روئڻ اچي ته انهيءَ ڪري لڙڪ اگهڻ جو ماڻهن تي هي تاثر قائم ٿئي ته هي رياڪاري کان بچڻ جي ڪري جلدي جلدي لڙڪ اگهي ٿو. (6) ماڻهن جي دلين ۾ جڳهه بڻائڻ جي لاءِ اهڙي طرح جا جملا چوڻ: مون کي گناهن کان گهڻو ڊپ لڳي ٿو، مون کي بري خاتمي جو خوف رهندو آهي، هاءِ! اونداهي قبر ۾ ڇا ٿيندو! هاءِ! قيامت ۾ ڪيئن حساب ڏيندس! (7) ماڻهن وٽ پنهنجي دنيا سان لاتعلقي ۽ پارسائي جي ڌاڪ ويهارڻ لاءِ چوڻ: مان ته مالدارن ۽ شخصيات کان ملڻ کان بچندو آهيان. (8) ڪنهن جي مصيبت جو ٻڌي انهي ڪري منهن ٻڌائڻ يا همدردانه جملا چوڻ جو ماڻهو رحم دل چون، (9) هٿ ۾ انهي ڪري تسبيح رکڻ، نمايان ڪرڻ، يا ماڻهن جي سامهون انهيءَ ڪري چَپ چورڻ يا انهن تائين آواز پهچائڻ ائين درود ۽ اذڪار پڙهڻ جو نيڪ سمجهيو وڃي. (10) جلوت ۾ (يعني ماڻهن جي سامهون) کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ وغيره جي موقعي تي سنتن جو سٺي نموني خيال رکڻ جڏهن ته اڪيلائي ۾ سنتن جو اهتمام نه ڪرڻ. (11) دعوت ۾ ٻين جي موجودگي ۾ انهيءَ ڪري گهٽ کائڻ جو ڏسڻ وارو ان کي مُتَّبِعِ سُنّت (يعني سنت جي پيروي ڪرڻ وارو) ۽ **قليلُ الغِذا** (يعني گهٽ کائڻ وارو) سمجهن. (12) ڪنهن کي پنهنجو نيڪ ڪم ٻڌائي هي چوڻ ته "اوهان ڪنهن کي نه ٻڌائجو" ته جيئن سامهون وارو متاثر ٿئي ته گهڻو مُخلِص شخص آهي جو پنهنجو نيڪ عمل ظاهر ڪرڻ نٿو چاهي. (13) رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ انهيءَ ڪري اعتڪاف ڪرڻ جو مفت ۾ سحري يا افطاري جي ترڪيب ٺهجي وڃي. (14) پنهنجا ديني ڪارناما انهيءَ ڪري بيان ڪرڻ جو ٻڌڻ وارا ان کي دين جو وڏو خادم تصور



www.dawateislami.net

ڪن، ۽ ان جي عظمتن جا معترف ٿين. (15) پنهنجي في سبيل الله امامت يا ديني تدريس جو انهيءَ ڪري بين سان ذڪر ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو ان سان متاثر ٿين، عزت جي نگاهہ سان ڏسن. (16) خريداري وقت يا اُجرت تي ڪنهن کان ڪم ڪرائيندي وقت پنهنجي ديني منصب مثلاً شاگرد يا حافظ قرآن يا امام مسجد، يا موذن يا مبلغ وغيره هجڻ جو انهي ڪري اظهار ڪرڻ جو اهو رعايت ڪري يا وري پيسا ئي نہ وٺي. (17) ڪتاب يا رسالو لکڻ وقت انهيءَ نيت سان عبرت انگيز روايتون ۽ خوب دلچسپ حڪايتون ۽ عمده عمده مدني گل شامل ڪرڻ جو پڙهڻ وارا داد ۽ تحسين تي مجبور ٿي وڃن.(18) پنهنجي حج ۽ عمري جو تعداد، تلاوت قرآن جي يوميہ مقدار، رَجَبُ المُرَجَّب ۽ شَعبان المُعَظَّم جا مڪمل ۽ بين نفلي روزن، نفلن، درود شريف جي ڪثرت جو انهيءَ ڪري اظهار ڪرڻ جو واهہ واهہ ٿئي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ احترام پيدا ٿئي. (19) بين جي موجودگي ۾ انهيءَ ڪري چپ چاپ رهڻ يا اشاري سان يا لکي ڪري گفتگو ڪرڻ جو ماڻهو سنجيدا، خاموش طبيعت ۽ زبان جو قفل مدينہ لڳائڻ وارو تصور ڪن. (چاهي گهر ۾ ۽ بي تڪلف دوستن ۾ خوب ٺهڪ لڳائي ۽ شينهن وانگر رڙيون ڪندو هجي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رِياڪارن جي لاءِ جهنمي وادي

ذڪر ڪيل مثالن کي ذهن ۾ رکندي رياڪاري جي وصف تي هڪ ڀيرو وري نظر وجهو "**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رضا کان علاوه ڪنهن ٻئي ارادي سان عبادت ڪرڻ**" جڻ تہ ماڻهن تي پنهنجي عبادت گذاري جي ڌاڪ ويهارڻ، پنهنجي واڪاڻ، واهہ واهہ! عزت چاهڻ يا انهيءِ نيڪ ڪم سان



www.dawateislami.net

سُوٽ (يعني ڪپڙن جو جوڙو) وغيره، يا رقم جو لفافو يا ڪاڏو يا منائي يا ڪنهن قسم جي نذراني جي حصول جو مقصد هجي، ۽ پيش ڪيل مثالن ۾ ”حُبِّ جاه“ يعني عزت ۽ شهرت جي محبت بہ موجود آهي ڇوتہ رياڪاري جو هڪ وڏو سبب ”حُبِّ جاه“ بہ آهي. تمام مثال ان ڪري بيان ڪيا ويا تہ جيئن اسان پنهنجي عمل جو محاسبو ڪيون اهي مثال بيان ڪرڻ جو هرگز اهو مقصد ناهي تہ انهن مثالن ڪي بنياد بڻائي ڪنهن بہ ڪي رياڪار قرار ڏيندا رهون ڇوتہ رياڪاري جو تعلق دل سان آهي ۽ ڪنهن جي دلين جي حالتن ڪي هر ڪو ڄاڻي نٿو سگهي، تنهنڪري انهن مثالن تي قياس ڪندي ڪنهن مسلمان تي بدگماني نہ ڪئي وڃي، بدگماني حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ۽ ائين ڪنهن جي باري ۾ تَجَسُّس (يعني گناه تلاش) ڪرڻ، ان جا عيب کولڻ ۽ ان ۾ اهي (يعني رياڪاري جون) علامتون تلاش ڪرڻ تہ جيئن ان ڪي بدنام ڪيو وڃي اهو بہ حرام آهي. انهن مثالن ڪي بيان ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ اسان پنهنجي نيڪين جي جانچ پڙتال ڪيون تہ ڪٿي ان ۾ رِياء تہ لڪل ناهي! ڇو تہ رِياء ڪيولي جي چال کان بہ سنهي چال ۾ پلائي جي ڪمن ۾ داخل ٿي ويندو آهي، حقيقت هي آهي جو ”ريا“ ۾ جيڪا ”لذت“ آهي نہ اها عمده غذائن ۾ آهي نہ ئي مال و دولت جي ڪثرت ۾، ان کان بچڻ تمام گهڻو ضروري آهي جو اها ”لذت“ جهنم ۾ پهچائڻ واري آهي، تنهنڪري جيڪڏهن پنهنجي نيڪ عمل ۾ ريا جو شبهو (يعني شڪ) بہ ڏسو تہ توبہ ڪيو ۽ پنهنجي پاڻ ڪي ديڄاريو جو **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: بيشڪ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کان جهنّم روزانو چار سؤ ڀيرا پناه



www.dawateislami.net

گهري ٿي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هي واديِ امتِ محمديه علي صاحبِها الصَّلوٰةُوَالسَّلَام جي انهن رياڪارن جي لاءِ تيار ڪئي آهي جيڪي قرآن جا حافظ، غير اللّٰه جي لاءِ صدقو ڪرڻ وارا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا حاجي، ۽ راهِ خدا ۾ نڪرڻ وارا هوندا. (اَلْمُعْجَمُ الْڪبِير،١٣٦/١٢، حديث :١٢٨٠٣)

دولتِ اِخلاص ہم کو دیجئے ۔۔۔ کیجئے رَحمت اے نانائے حسین

(وسائلِ بخشش مُرَمّم، ص۵۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عمل ڇڏڻ بدران علاج اختيار ڪيو وڃي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان غور ڪيو ته رِيا ڪاري ڪهڙو خطرناڪ عمل آهي جو دُنيا ۾ ٿيڻ واري توري واه واه، ڪوڙي عزّت ۽ ٻين کان ڪجهه ٽڪا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي عملن جو چَرچو ڪرڻ سياڻي قيامت جي ڏينهن جهنّم جي ان هولناڪ وادي ۾ داخلي جو سبب بڻجي سگهي ٿو جنهن کان خُود جهنّم به روزانو چار سو (400) ڀيرا پناه گهري ٿو. ان ڪري بهتري هن ۾ آهي ته ماڻهن جي بدران اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عمل ڪيا وڃن ۽ جيڪڏهن ڪو شخص شيطان جي ڳالهين ۽ نَفْسِ اَمَّارَه جي چالن ۾ اچي رِياڪاري ۾ مبتلا ٿي وڃي ۽ اهو سمجهي وٺي ته رِيا کان بچڻ ته نهايت مشڪل آهي، مان ڪهڙي طرح نَفْسِ اَمَّارَه جي چالن کي ناڪام ڪيان؟ مان ڪهڙي طرح شيطان جي مَضْبُوط ڄار کي ٽوڙي ٻاهر اچان؟ ۽ وري ڪڏهن اهڙا ماڻهو هن خيال کي پنهنجي ذِهن ۾ ويهاريندا آهن ته جڏهن اسان رِياڪاري جي بغير نيڪ عمل نٿا ڪري سگهون ته اهڙا عمل ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟ ائين آهستي آهستي نيڪ عملن کان پري ٿي ويندا آهن ۽ خُوش بختي ۽ سَعادَت مَنْدِي کان منهن موڙيندا آهن، اهڙن



www.dawateislami.net

اسلامي ڀائرن جي خِدْمت ۾ مَدَني اِلتجاء آهي تہ جيڪڏهن پنهنجو مُحَاسَبَو ڪندي رِياڪاري ظاهر ٿئي تہ ان جو علاج ڪيو ڇوتہ ڪنهن بہ مَرض کي لاعِلاج سمجهي ان کان بي پرواهي ڪرڻ عقلمندي ناهي، بلڪ جيڪو مَرض جنهن شِدّت سان وڌي ان جي علاج ۾ بہ ايترو اِهتمام ڪرڻ گهرجي، جيئن تہ رِيا ڪاري بہ هڪ باطني بيماري آهي تنهنڪري هن جو علاج ڪرڻ ئي مُناسِب آهي نہ اهو جو هن کي لاعِلاج سمجهي ڇڏيو وڃي، ياد رکو! جيڪڏهن مڪ نڪ تي ويهي تہ مڪ کي اڏايو ويندو آهي نڪ نہ ڪٽيو ويندو آهي. ان ڪري رِياڪاري جي خوف سان نيڪ عملن کي تَرڪ نہ ڪيو وڃي، بلڪ رِياڪاري کان پيڇو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.جيئن،

## رِياڪاري جو حڪم

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خانعَلَيۡهِ رَحۡمَۃُ الحَنّان لکن ٿا: خيال رهي ريا (يعني ڏيکاءُ) سان عبادت ناجائز ناهي ٿيندي (يعني ائين ناهي جو رياڪاري سان نماز پڙهي تہ ان کي تاركِ نماز سمجهيو وڃي) بلڪ نامقبول هجڻ جو انديشو هوندو آهي جيڪڏهن رياڪار آخر ۾ ريا کان (سچي) توبہ ڪري تہ ان تي ريا واري عبادت جي قضا ناهي بلڪ ان توبہ جي برڪت سان گذريل نامقبول ڏيکاءُ واريون عبادتون بہ قبول ٿي وينديون. مطلقاً ريا سان خالي ٿيڻ تمام مشڪل آهي ڪو شخص ريا جي انديشي سبب عبادت نہ ڇڏي بلڪ ريا کان بچڻ جي دعا ڪري. (مِرآة المناجيح، ١٢٧/٧)

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یا اِلٰہی

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## مجلس مدني مُذاڪره جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رِياڪاري ۽ ان طرح جي ٻين قلبي بيمارن کان نجات جو هڪ بهترين ذريعو مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪرڻ بہ آهي، جتي وقت بوقت اسان جي توجهه انهن قلبي ۽ روحاني بيمارين ڏانهن ڏياري ويندي آهي ۽ اسان کي انهن کي بچڻ جا طريقا بہ ٻڌايا ويندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت،اميرِ اهلسُنَّت ،باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابو بلا ل محمد الياس عطارؔقادري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جن ”علم بي شُمار خزانن جو مجموعو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سُوال آهي.“ جي قول کي عملي جامو پارائيندي سُوال ۽ جواب جو هڪ سِلْسلو شُروع ڪيو، جنهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ”مدني مُذاڪره“ چيو ويندو آهي. ڪثير اسلامي ڀائر مَدَني مُذاڪرن ۾ عَقائد و اَعمال، فضائِل و مَنَاقِب، شريعت و طريقت، تاريخ وسيرت، سائنس وطِبّ، اَخلاقيات و اِسلامي مَعْلُومات، معاشي و مُعاشرتي و تنظيمي مُعاملات ۽ ٻين ڪوڙ سارن مَوضُوعن بابت مختلف قسم جا سُوال ڪندا آهن ۽ شيخِ طريقت، اميرِاَهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه انهن کي حڪمت آموز ۽ عشقِ رسول سان لبريز جوابن سان نوازيندا آهن.اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي 103 شعبن مان هڪ شعبو ”مجلسِ مدني مذاڪره“ بہ آهي جيڪو سندن عطا ڪيل دِلچسپ ۽ عِلْم ۽ حڪمت سان ڀرپور مَدَني گلن جي خُوشبوئن سان سڄي دُنيا جي مُسلمانن کي مهڪائڻ جي لاءِ انهن مَدَني مُذاڪرن کي تحريري رسالي ۽ آڊيو (Audio) ويڊيو (Video) سي ڊيز (CDs) جي صُورت ۾ پيش ڪرڻ جي سَعادَت حاصل ڪندي آهي.اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هينئر تائين مَجلِس



www.dawateislami.net

مَدَني مُذاڪره ڪيئي آڊيو ڪيسٽ ۽ وي ڊيو سي ڊيز ۽ تحريري مَدَني مُذاڪرا پيش ڪرڻ جي سعادت بہ حاصل ڪري چڪي آهي ۽ وڌيڪ جي لاءِ ڪوششون جاري آهن.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار مدني مذاڪره“

اوهان سان بہ مدني التجا آهي تہ نہ صِرْف پاڻ بلڪ بين اسلامي ڀائرن کي بہ شِرڪت جي دعوت ڏيندا رهو. مدني مُذاڪري ۾ شِرڪت ڪرڻ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم بہ آهي.ياد رکو! وَعظ ۽ نصيحت جي لاءِ اِجتماعات مُنْعَقِد ڪري انهن ۾ ماڻهن جي اِصْلاح جي نِيت سان عِلْم ۽ حڪمت ڀريا مَدني گل لُٽائڻ، بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جو طريقو رهيو آهي.

منقول آهي تہ اسان جي پيرانِ پير، پيرِ دَسْتَگير حضرت سَيدُنا شيخ مُحْيِ الدّين سَيد عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه 521ھ کان 561ھ تائين چاليھ (40) سال مخلوق کي وعظ ۽ نصيحت فرمائي. (بهجة الاسرار،ص۱۸۴) ۽ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيهِخُود ارشاد فرمائن ٿا: منهنجي هٿ تي پنج سو (500) کان وڌيڪ غير مُسلمن اِسلام قَبول ڪيو ۽ هڪ لک (100000) کان وڌيڪ ڌاڙيل، چور، فاسق فاجر، فَسادي ۽ بدعتي ماڻهن توبہ ڪئي. (بهجةالاسرار، ص۱۸۴)

سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي فَيضانِ ڪرم سان شيخ طريقت، اميرِ اهلسنَّتدَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه بہ مدني مُذاڪرن جي ذِريعي وَعظ ونصيحت جا مَدَني گل عام ڪري رهيا آهن.اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني مُذاڪرا نہ صِرْف اَهم معلومات حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن بلڪ انهن جي بَرَڪت سان ڪيئي ماڻهن جي اِصلاح بہ ٿيندي آهي ۽ ڪيئي بدعقيده ۽



www.dawateislami.net

بي عمل ماڻهو پنهنجي بُرن عَقيدن ۽ عملن کان توبہ ڪري سُنّي صَحِيحُ الْعَقِيده باعمل مُسلمان بڻجي ويندا آهن، اچو هن باري ۾ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## بدعقيده ماڻهن کان نجات ملي وئي

بابُ الاسلام (سنڌ، پاڪستان) جي شهر شهداد پُور ۾ مُقيم اسلامي ڀاءُ جي تحريري بيان جو خُلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ عَقائد بابت معلومات نہ هئڻ جي سبب منهنجي زِندگي جو اِبتدائي حصّو بدعقيده ماڻهن جي صُحبت ۾ گُذريو هو، جنهن سبب منهنجا عقيدا بہ خراب ٿي ويا، خُوش قسمتي سان رَمَضانُ الْمُبارَڪ جي مهيني ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري آخري عشري جي سُنّتن ڀري اجتماعي اِعتڪاف ۾ شِرڪت جي سَعادَت نصيب ٿي. اعتڪاف ۾ ٿيڻ واري سُنّتن ڀرين بيانن ۽ بالخصوص شيخ طريقت، اميرِ اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي "مَدني مُذاڪرن"منهنجي دل ۾خوفِ خُدا ۽ عشقِ مُصْطفٰي جي شمع روشن ڪري ڇڏي، منهنجي دل ۾ مَوْجُود تمام شڪ شُبها پري ٿي ويا، مون پنهنجي تمام بُرن عقيدن ۽ بُرن دوستن جي صُحْبت کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي سٽون لکڻ وقت دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (باب المدينہ ڪراچي) ۾ فيضانِ فرض عُلُوم ڪورس ڪري رهيو آهيان ۽ پنهنجي علائقي ۾ حلقي سطح تي مدني اِنعامات جو ذِمّيدار هئڻ جي حيثيت سان مدني ڪمن جي ترقّي ۽ عُروج جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## رِياڪاري جون علامتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح هر مَرَض جون ڪئي علامتون هونديون آهن جنهن سان ان مرض جي سڃاڻپ ٿيندي آهي، اهڙي طرح مرضِ رِيا جون بہ ڪجهہ علامتون آهن. اچو! هن جون علامتون ٻڌون تا تہ جيئن هن مَرض جي چڱي طرح تشخيص ٿي وڃي ۽ عِلاج ڪرڻ ۾ آساني رهي. جيئن

**اميرالمُؤمِنِين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ المُرتضيٰ شيرِ خدا** كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم **ارشاد فرمايو:** رياڪار جون ٽي نشانيون آهن: (1) تنهائي ۾ هجي تہ عمل ۾ سستي ڪري ۽ ماڻهن جي سامهون هجي تہ چستي ڏيکاري (2) تعريف (يعني واکاڻ) ڪئي وڃي تہ عمل ۾ اضافو ڪري ڇڏي ۽ (3) مذمت ڪئي وڃي تہ عمل ۾ ڪمي ڪري. (اَلزَّواجِرُ عَنِ اقْتِرافِ الْكبائِر ،الباب الاول في الكبائر الباطينۃ...الخ، الكبيرةالثانية:الشرڪالاصغر...الخ،۱/۸۶۔نيڪي ڪي دعوت، ص ۸۰)

هاڻي اسان کي گهرجي تہ ديانت داري سان پاڻ تي غور ڪيون جو ڪٿي اسان اڪيلائي ۾عبادت جي معاملي ۾سستي ۽ ماڻهن جي سامهون چستي جو مظاهرو تہ نہ ڪندا آهيون؟ ڪٿي اسان نيڪي ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن تي ان جو بنا ضرورت جي اظهار تہ نٿا ڪيون؟ پوءِ جيڪڏهن ڪنهن اسان جي تعريف ڪئي تہ اسان "آڪڙجي" عمل ۾ اضافو تہ نٿا ڪيون؟ ۽ تعريف نہ ٿيڻ تي اسان غمگين تہ نٿا ٿيون ۽ پوءِ ان عمل ۾ ڪمي تہ ناهي ايندي؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو ماڻهن جي سامهون نيڪي ڪرڻ ۾ وڏي لذت ملندي آهي پر تنهائي ۾ مزو ناهي ايندو؟ ڪٿي اسان ماڻهن جي سامهون (پاڻ کي سياهہ ڪار، گنهگار، مجرم، فقير، حقير، عاجز ۽ مسڪين وغيره چئي) پنهنجي مذمت، انهن کي



www.dawateislami.net

متاثر ڪرڻ لاءِ تہ نٿا ڪيون؟ ڪٿي اسان پنهنجي مبلغ يا سنتن پريي مدني حليي وغيره سان فائدو ڪٽي پاڻ سان متاثر ٿيندڙ دڪاندار ڪان تہ سودو نٿا خريد ڪيون جو اهو اسان کي مفت يا سستي اگهہ ۾ ڏي؟ جيڪڏهن ان سوالن جا جواب "ها"۾ اچي تہ هڪدم توبہ ڪيو ۽اخلاص حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃو جو ڪٿي ائين نہ ٿئي جو توبہ ڪان پهريان موت اچي وڃي ۽ رياڪاري جي سبب دوزخ ۾ وڃو وڃي.

(نيڪي جي دعوت ،ص٨٢)

| | |
|---|---|
| عَطا کر دے اِخلَاص کی مجھ کو نعمت | نہ نزدیک آئے رِیا یاالٰہی |
| مری زِندگی بس تری بندگی میں | ہی اے کاش گُزرے سَدا یاالٰہی |

(وسائلِ بخشش مُرَمّم،ص١٠٦)

## مرضِ رياڪاري جو علاج ڪيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان پنهنجي دل ۾ هن رياءُ جي مرض جون علامتون محسوس ڪيون تہ توبہ ڪان پوءِ علاج ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي، جڏهن اسان پنهنجو باطن پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ ان شاءَ اللهعَزَّوَجَلَّ ظاهر بہ پاڪ ٿي ويندو. شهنشاهِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينہ آهي: جيڪو پنهنجي باطن جي اصلاح ڪندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ظاهر جي (بہ) اصلاح فرمائيندو." (اَلْجامِعُ الصَّغِير لِلسُّيوطي ص٥٠٨،حديث: ٨٣٣٩-نيڪي جي دعوت ،ص ٨٣)

اچو رياڪاري جي تباه ڪارين کان ٻيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ هن جا ڪجھ علاج پڙهون ٿا .



www.dawateislami.net

## (1) دُعا جي ذَرِيعي مدد طلب ڪيو!

رياڪاري جو سڀ کان پهريون علاج هي آهي ته خداءِ غفارعَزَّوَجَلَّ جي ڪرم واري بارگاهہ ۾ هيئن دعا ڪيو: يا ربِّ مصطفيٰ! مون کي رياڪاري جي بيماري کان شفا عطا فرماءِ، منهنجي خالي جهولي ۾ اخلاص جي لازوال دولت پري ڇڏ، منهنجو مقابلو ان دشمن (يعني شيطان) سان آهي جيڪو مون کي ڏسندو آهي پر هو پاڻ ڏسڻ ۾ ناهي ايندو، پر اي ربّ ڪريمعَزَّوَجَلَّ! تون ان کي ڏسي رهيو آهين ان دشمن جي مڪر ۽ فريب کان بچاءِ، اي اللهعَزَّوَجَلَّ مان انهي ڳالهہ کان تنهنجي پناهہ گهران ٿو جو ماڻهن جي نظر ۾ منهنجو حال سنو هجي، اهي مون کي نيڪ ۽ پرهيزگار سمجهندا هجن پر تنهنجي دربار ۾ سزا جو حقدار ٿيان. (نيڪي جي دعوت، ص۸۴)

حُبِّ دُنیا سے تُو بچا یا ربّ
عاشقِ مُصطفٰے بنا یا ربّ

حرصِ دُنیا نکال دے دل سے
بس رہوں طالبِ رِضا یا ربّ

(وسائلِ بخشش، ص۷۹،۸۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (2) رياڪاري جا نقصان پيشِ نظر هجن

رياڪاري جو ٻيو علاج هي آهي ته اسان رياڪاري جي آفتن کي اکين جي سامهون رکون ڇوته انسان جي دل ڪنهن شيء کي ان وقت پسند ڪندي آهي جيستائين اها ان کي نفعي بخش نظر ايندي آهي پر جڏهن ان شيء جي نقصان ڪار هجڻ جي خبر پئي ته اهو ان کان



www.dawateislami.net

بچندو آهي مثلاً ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي لذت ۽ مناڻ جي ڪري ماکي پسند هجي پر جيڪڏهن ان کي ٻڌايو وڃي ته هي ماکي جيڪا توهان پيئڻ وارا آهيو هن ۾ زهر مليل آهي ته اهو ان ۾ موجود لذت ۽ مناس نه، زهر ڏسندو ۽ هرگز ان کي نه پيئندو، اهڙي طرح ماڻهن تي پنهنجي نيڪ عمل ظاهر ڪرڻ ۽ انهن جي طرفان واهه واهه ٿيڻ ۾ يقيناً نفس کي وڏي لذت ملندي پر اسان ان لذت جي بدران رياڪاري جي ذريعي ٿيڻ واري زهر کان به خطرناڪ نقصان کي ذهن ۾ رکون ته ان کان بچڻ اسان جي لاءِ ڪجهه آسان ٿي ويندو، ۽ اسان جو اهو ذهن ٺهجندو ته ماڻهن جي اهڙي واهه واهه اسان جي ڪنهن ڪم جي ناهي جنهن جي ڪري اسان جي محنت ۽ ڪيل عبادت ضايع ٿي وڃي.
(نيڪي جي دعوت ،ص٨۴ ملخصاً)

## (3) ريا جا اسباب ختم ڪيو

ريا جي بيماري جو ٺيو علاج هن مرض جي سبب جو خاتمو آهي، هر بيماري جو ڪو نه ڪو سبب هوندو آهي جيڪڏهن سبب مٽايو وڃي ته بيماري به ختم ٿي ويندي آهي، ائين رياڪاري جا بنيادي سبب ٽي آهن، جيڪڏهن ان ٽن شين مان جان ڇڏائي وڃي ته ان شاءَ اللهعَزَّوَجَلَّ رياڪاري کان بچڻ بيحد آسان ٿي ويندو، اهي ٽي سبب هي آهن: (1) حُبِّ جاهه يعني شهرت جي خواهش (2) مذمت جو خوف ۽ (3) مال و دولت جو حِرص. (نيڪي جي دعوت ص٨۶)

پيچها مِرا دُنيا کی محَبَّت سے چُھڑا دے
یارَبّ مجھے دیوانہ مدینے کا بنادے
(وسائلِ بخشش، ص ١١٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## (4) پنهنجي عمل ۾ اخلاص پيدا ڪيو

رياڪاري جو چوٿون علاج اخلاص آهي، جيئن مديني جا سلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَر ذيشان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: اي انسانو! الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ اخلاص سان عمل ڪيو ڇوته الله عَزَّوَجَلَّ اهي ئي عمل قبول فرمائيندو آهي جيڪي ان جي لاءِ اخلاص سان ڪيا ويندا آهن ۽ اهو نہ چئو تہ هي (عمل) الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ۽ رشتيداري جي لاءِ . (دارقطني ۷۳/۱، حديث۱۳۰-نيڪي ڪي دعوت،ص۸۹)

## مُخلص ڪنهن کي چوندا آهن؟

ڪنهن بُزرگ کان پڇيو ويو تہ مخلص ڪير آهي؟ تہ انهن ارشاد فرمايو: مُخلص اهو آهي جيڪو پنهنجون نيڪيون هن طرح لڪائي جهڙي طرح پنهنجو برائيون لڪائيندو آهي، هڪ بي بُزرگ رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه کان عَرض ڪيو ويو: اِخلاص جي اِنتِها ڇا آهي؟ تہ اُنهن اِرْشاد فرمايو: اها هي آهي تہ توهان ماڻهن کان تعريف جي خواهش نہ ڪيو۔ (الزواجر،الباب الاول في ڪبائر الباطنية...الخ،الڪبيرةالثانية الشرڪ الاصغر...الخ،خاتمة في الاخلاص،۱۰۲/۱-نيڪي ڪي دعوت، ص ۹۱)

يکساں ہو مَدح وذَم مجھ پہ کردو کرم ‍ ‍ ‍ ‍ کچھ خُوشی ہو نہ غم تاجدارِ حرم

وسائلِ بخشش مُرمّم، ص۲۴۹

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! ‍ ‍ ‍ ‍ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (5) نيّت جي حفاظت ڪيو

رياڪاري جو پنجون علاج هي آهي تہ نيت جي حفاظت ڪيو سرورِ دو عالَم، نورِ مُجسّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: عملن جو دارومدار نيتن تي آهي ۽ هر شخص جي لاءِ اهو ئي آهي جنهن جي اهو نِيت ڪري۔(بخاري ،ڪتاب بدء الوحي ،باب ڪيف ڪان بدء الوحي...الخ،۵/۱،حديث:۱)



www.dawateislami.net

ان ڪري عمل شُروع ڪرڻ کان پهرين اهو سوچڻ گهرجي تہ مان جيڪو عمل ڪري رهيو آهيان هن جو مَقْصد ڇا آهي؟ جيڪڏهن ڏيکاء جي بُو محسوس ڪيو تہ هڪدم پنهنجي اصلاح جي نيت ڪيو ۽ اهو ذهن بڻايو تہ صِرف اهو ئي عمل مقبول ٿيندو، جيڪو رِضاءِ الٰهي جي لاءِ ڪيو وڃي ، جيڪڏهن مان ماڻهن کي ڏيکارڻ يا ٻڌائڻ جي خاطِر ڪا نيڪي ڪئي تہ قَبول ٿيڻ تہ پري جي ڳالهہ، جهنّم جي عذاب جو حَقْدار ٿي ويندس! شيطان اگرچِہ لک رُڪاوٽون وجهي پر رِيا ۽ ڏيکاء جي نيت کان بچندي، سٺي نيت ڪرڻ ئي پوندي. ( نيڪي جي دعوت، ص٩٢بتغير قليل)

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (6) عبادت دوران شيطاني وسوسن کان بچو

مرض ريا جو ڇهون علاج هي آهي تہ عبادت جي دوران بہ شيطاني وسوسن کان بچڻ جي ڪوشش ڪيون ڇو تہ شيطان مسلسل اسان جي دل ۾ وسوسا وجهڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهي ٿو. تنهنڪري هر نيڪ عمل کان پهريان دل ۾ اِخْلاص هئڻ ضَروري آهي، اِهڙي طرح هر نيڪي ۽ عِبادَت جي دَوران هن کي قائم رکڻ بہ ضَروري آهي.

عبادت جي دوران وسوسن جي ڇوٽڪاري جي لاءِ ٽي شيون ضروري آهن: (1) انهن وسوسن جي سُڃاڻپ (2) انهن کي ناپسند ڪرڻ ۽ (3) انهن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ. مثلاً ڪنهن سٺيون سٺيون نيتون ڪري تَهَجُّد ادا ڪرڻ شروع ڪيو، انهيءَ دوران شيطان دل ۾ رياڪاري جو وسوسو وجهي تہ جڏهن ماڻهن کي منهنجي تَهَجُّد گذاري جي خبر پوندي تہ اهي مون کان متاثر ٿيندا، هاڻي انهن وسوسن کي فوري سڃاڻڻ تہ اهي شيطان جي طرفان آهن ان نمازي جي لاءِ تمام



www.dawateislami.net

ضروري آهي، پوءِ انهن کي ناپسند بہ سمجهي جو اللهعَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪيو ويندڙ عمل سان مخلوق کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ غضبِ الاهي کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي، پوءِ انهن وسوسن کان ڏيان هٽائي ڇڏي، جيتوڻيڪ هي ڪم مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن ناهي، شروع شروع ۾ اهو ڪم بيحد ڏکيو محسوس ٿيندو آهي پر تَڪَلُّف ڪري جيڪڏهن هڪ عرصي تائين صبر ڪري تہ الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان ۽ حُسنِ توفيق سان هي ڪم آسان ٿي ويندو آهي، اسان جو ڪم ڪوشش ڪرڻ آهي، ڪاميابي ڏيڻ واري ذات ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي آهي. (نيڪي ڪي دعوت، ص٩۴)

## (7)نيڪيون لڪايو!

مَرضِ رِيا جو ستون عِلاج ”نيڪيو لڪائڻ“ آهي. اي ڪاش! اسان بہ پنهنجون نيڪيون اهڙي طرح لڪايون جيئن پنهنجي گناهن کي لڪائيندا آهيون، ۽ بس اهو ئي ڪافي سمجهون تہ الله تعاليٰ اسان جون نيڪيون ڄاڻي ٿو، خاص ڪري لڪي نيڪي ڪرڻ کان پوءِ نفس جي خوب نگراني ڪئي وڃي ڇو تہ ٿي سگهي ٿو تہ عبادت ظاهر ڪرڻ جو حِرص نفس کي جوش ڏياري ۽ نفس ڪجهہ هن طرح ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري تہ اها پنهنجي عبادت ماڻهن تي ظاهر ڪري ڇڏ، ۽ هن طرح نيڪيون لڪائي رکڻ سان ماڻهن کي تنهنجي مقام ۽ مرتبي جو علم ئي نہ ٿيندو تہ اهي ويچارا تنهنجي پيروي کان محروم رهجي ويندا، ائين تون ماڻهن جو مُقتدا (يعني پيشوا ۽ رهنما) ڪيئن بڻجندي؟ تنهنجي ذريعي نيڪي جي دعوت ڪيئن عام ٿيندي؟ وغيره، اهڙي صورت ۾ الله تعاليٰ کان اِستِقامت ۽ ثابت قدمي جي دعا ڪرڻ



www.dawateislami.net

گهرجي ۽ پنهنجي عمل جي بدلي ۾ ملڻ واري جنت جي عظيم الشان دائمي نعمتن کي ياد ڪرڻ گهرجي، پاڻ کي ڏيڇارڻ گهرجي ته جيڪو شخص الله تعاليٰ جي عبادت جي ذريعي ان جي ٻانهن کان اجر (يعني بدلي) جو طالب هوندو آهي ان تي اللهعَزَّوَجَلَّ جو غضب نازل ٿيندو آهي ۽ تي سگهي ٿو ته ٻين جي سامهون پنهنجو عمل ظاهر ڪرڻ جي ڪري اهو انهن جي ويجهو ته محبوب (يعني پيارو) ٿي وڃي پر الله تعاليٰ جي نزديڪ ان جو مقام مرتبو ڪِري پوي! ته پوءِ هن سبب منهنجو عمل به ضايع نه ٿي وڃي! پوءِ نفس کي ائين سمجهائي ته مان ڪهڙي طرح انهيءَ عمل کي ماڻهن جي تعريف جي بدلي ۾ وڪڻي ڇڏيان اهي پاڻ به ته عاجز ۽ لاچار آهن، اهي مون کي نه ته رزق ڏئي سگهن ٿا ۽ نه ئي موت ۽ حيات جا مالڪ آهن. (نيڪي ڪي دعوت، ص۹۶)

جڏهن هن طرح جي مَدني سوچ اپنائنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ هن مرض کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

نیکیاں چُھپ کر کریں ایسی ہدایت دے خُدا ہم کو پوشیدہ عِبادت کی تُولذّت دے خُدا

## (8) مدني ماحول اپنايو!

مرضِ رِيا ڪاري جو انون علاج هي آهي ته اهڙي سٺي صحبت اختيار ڪئي وڃي جنهن جي وجه سان عُمده اخلاق مُيسر اچن، اهڙي سٺي مدني صحبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ اوهان کي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ان جي برڪت سان ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بهترين اخلاقي وصف اوهان جي ڪردار جو حصو



www.dawateislami.net

ٻڄي ويندا، هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ۽ سنتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سنتن ڀريو سفر ڪري. انهن مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي گذريل زندگي جي طور طريقي تي غور ۽ فڪر جو موقعو ملندو ۽ دل آخرت جي بهتري لاءِ بي چين ٿي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ گناهن جي ڪثرت تي ندامت ٿيندي ۽ توبہ جي سعادت ملندي، عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ مسلسل سفر ڪرڻ جي نتيجي ۾ فحش ڪلامي ۽ فضول ڳالهائڻ جي بدران لبن تي درود پاڪ جو وِرد هوندو ۽ زبان تلاوت قرآن ۽ ذڪر و نعت جي عادي ٻڄي ويندي، ڪاوڙ جي بدران نرمي، بي صبري جي بدران صبر ۽ تَحَمُّل، تڪَبُّر جي بدران عاجزي ۽ احترامِ مسلم جو جذبو ملندو. دنياوي مال ۽ دولت جي لالچ ڪان جان ڇٽي ويندي ۽ نيڪين جو حرص پيدا ٿيندو، الغرض بار بار راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ واري زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو، اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ. اسلامي ڀينرن کي بہ گهرجي تہ پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪن.

دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے — نہ چھُوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول

ہمیں عالموں اور بزرگوں کے آداب — سکھاتا ہے ہر دم سدا مدنی ماحول

یقیناً مقدر کا وہ ہے سکندر — جسے خیر سے مل گیا مدنی ماحول

تُو آ بے نمازی ہے دیتا نمازی — خدا کے کرم سے بنا مدنی ماحول



www.dawateislami.net

گر آئے شرابی مِٹے ہر خرابی چڑھائے گا ایسا نشہ مدنی ماحول

اے بیمارِ عصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دیگا دوا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان رِياڪاري جي باري ۾ ٻڌو ته

- جيڪي خُوش نصيب ماڻهو پنهنجي عمل ۾ رِياڪاري ڪرڻ کان بچندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سان بددِيانتي نٿا ڪن ته اهي سياڻي قيامت جي ڏينهن نجات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا پر بدقسمتي سان جيڪي بدنصيب ماڻهو رِياڪاري ڪري الله عَزَّوَجَلَّ سان بددِيانتي ڪندا آهن اهڙن رِياڪارن جا عمل برباد ٿي ويندا .
- انهن کي رِياڪاري جي طور تي ڪيل نيڪ عملن جو اجر ۽ ثواب نه ڏنو ويندو.
- انهن کي بدڪار، ڏوڪي باز، ڪافر ۽ نقصان وارو چئي پڪاريو ويندو انهن کي چيو ويندو پنهنجي عملن جو بدلو انهن کان گهرو جنهن جي لاءِ عمل ڪندا هئا.
- احاديثِ مُبارڪ جي روشني ۾ رِياڪارن جون وڏيڪ بد نصيبيون اهي ٻه بيان ڪيون ويون آهن ته. جنت ته جنت، پنج سو(500) سالن جي مُسافت کان سُونگهجڻ واري جنت جي خُوشبو به انهن کي نصيب نه ٿيندي، بلڪ اُنهن کي عذابِ الٰهي ۾ گرفتار ڪيو ويندو. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته پنهنجي عملن جو جائزو وٺندي انهن کي رِياڪاري جي اڏوهي کان بچايون نه ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان اُخروي نجات



www.dawateislami.net

جي لاءِ پنهنجي جن نيڪ عملن ڪان اُميد لڳائي ويٺا آهيون اهي رِياڪاري جي سبب ڪان برباد ٿي وڃن ۽ اسان قيامت جي ڏينهن بلڪل خالي هٿين رهجي ويندا سين.

اللهعَزَّوَجَلَّ اسان کي رِياڪاري (ڏيکاء) ڪان بچائي ۽ اخلاص جي دولت سان مالامال فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیہ واٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں

نیک ہو جائیں مُسلمان مدینے والے

## جُتي پائڻ جا مدني گل

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم:﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان کي جيستائين جتي پاتل هوندي آهي جڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مُسلِم، ڪتاب اللباس،باب استحباب لبس النعال...الخ،ص١١٦١ حديث:٢٠٩٦ )﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين ڇنڊي وٺو ته جيئن ڪو جيت يا ڀتري

[1] ... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

وغيره هجي تہ نڪري وڃي ﴿ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ وقت پهرين کابو ۽ پوءِ ساڄو. ﴿ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿ صدرُالشَّريعہ بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي. (بهارِشريعت حصّه۱۶،۴۲۲/۳) ﴿ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو. ﴿ (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسو ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. ان ڪري استعمال واري جُتي اُبتي پيل هجي تہ ان کي سڌي ڪريو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

خُوب ہو گا ثواب اور ٹلے گا عذاب
پاؤ گے بخششیں، قافلے میں چلو

دل پہ گر زَنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو
داغ سارے دُھلیں، قافلے میں چلو

وسائلِ بخشش مُرَمّم، ص ۶۷۲

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net